# چيٽي چنڊ

انسان اٽڪلَ يارهان هزار ورهيہ اڳُ شڪار ۽ ميڙڻ مان گذر ڪرڻ بدران پوک شروع ڪئي.

ڪي آباديون وري بہ خانہ بدوش رهيون جو پاڻي جا وسيلا ڪِن هندن تي ڪونہ هيا.




اولائڪي انسانَ مهنا چنڊ جي چڪر تي ٻڌا.

چنڊ ڌرتي جي گول اٽڪلَ ساڍن اٺتيهن

ڏيهنِ (29.53059 days) ۾ ڦيري پائي ٿو.

جڏهن ڦيري پوري ٿيسِ تہ ساڳيو سمورو يا

اڌورو ڏيک اچيس. هونئن اهو بہ ٻين سيارن

جي ڇڪَ ڪري ٿورو گهٽ وڌ ٿيندو آهي..

1900 عيسوي سال ۾ اهو چڪر

29.5305886 ڏينهن هيو ۽ 2100 ۾

29.5305891 ڏينهن ٿيندو.

پرَ اهو حساب ڄاڻڻ بنا بہ مهنو چنڊُ ڏسي ماڻهون سمجهي سگهي ٿو.

چنڊ کي پنهنجي ڪا روشني ڪانهي. انهيءَ جي روشني سج جي ڪِرنن جي چنڊ جي

سطحَ تان موٽَ (عڪس) ڪائي ڌرتي تي ڏسڻ اچي. چنڊ تڏهن سجو ڏسڻ اچي جڏهن ڌرتيءَ

کان سج جي ابتڙ پاسي آهي، ۽ جڏهن چنڊُ ۽ سجُ ڌرتي جي ساڳي پاسي هوندا آهن تہ ڌرتي

تان چنڊ ڏسڻ ممڪن ناهي جو سج جون ڪِرنون ڌرتي کان ٻي پاسي پيون ڪِرن (ڏسندا

نقشو جيڪو وڪيءِ ڪوش مان ورتل آهي). پيلا تيرَ سج جي ڪرڻن جا آهن . ڌرتي ۽ چنڊ، بنهي جي ڦيرين جو رخ هڙيالي موڙ جي اُبتڙ آهي. ڌرتي اتر کان ڏيکاري ويئي آهي.

ڪُسوُف ۽ خسوُف تڏهن ٿين جڏهن چنڊ ڌرتي ڏانهن ايندڙ سج جي ڪِرنِن جي آڙ ۾ اچي يا ڌرتي چنڊ تي پاڇو وجهي. پر اهڙو چنڊ جو گِرهَڻُ (ڪُسوُف) سال ۾ چار کان ست ڀيرا ٿئي پَرَ گهڻو ڪري ٿورو پاڇو پوندو آهي . خسوُف اجا گهٽ ورا ٿئي. عام تور چنڊ جي چڪر جي دائري جو سَرِيڪو سطحَ پنج درجا ڌرتي جي چڪر جي دائري جي سرِيڪي کان مُڙيِلِ آهي. (ڏسندا نقشو جيڪو مان ناهيو آهي). جڏهن رات جي اونداهيءَ ۾ پورن ماس (چنڊ سڄو




ڏسڻ) آهي تہ وڏيڪ چمڪات لڳندي اٿس. هونئن چنڊ جي چڪ ڪري پورن ماسي (سجي

چنڊ) تي تي پاڙي پرَ تي هوندو آهي ۽ اُماسي تي اَلُڙُ. هونئن چون ٿا ته عاشقن جو ڏينهن به پورن ماسي تي ٿي.

ڪاشتگاري جو ڪمُ جيئن اڳتي وڌيو ته ماڻهن شهر جوڙيا. جيئن سج جي چڪر جي سمجهه وڌي ته نوان پنچانگ جوڙيا ويا جن تي آبادگاري ٽپڻو ناهي سگهجي. انهي ڪري سال پوري طرح سج جي سنبنڌي چڪر تي ٻڌيا ويا. ڌرتي سج جي چڪر ۾ 365.24219 ڏينهن هٽندي آهي. ٻارهان چانڊوڪا مهانا ٿيا اٽڪلَ 354.36 ڏينهن. سنڌين ۽ يهودين پنهنجن مهنن کي بدلائڻَ بدران هر ٽين سالين هڪُ وڌيڪ مهنو ڳنڍڻ شروع ڪيو. روماني ۽ ايراني پنچانگ پنهنجا مهنا بدلائي سال کي لڳ ڀڳ ٻارهن ڀاڱن ۾ ورهائيو. انهيءَ ريت ڪاشتگاري جو ڪمُ پوري حساب سان انهن سماجن پنهنجن پنچانگ مطابق جوڙيو جيڪو رڳو چنڊ جي چڪرن تي ٻڌل پنچانگ مان ڪونه بيهِي سگهي. اهڙين پنچانگن لاءِ آڪاس نروار جي وڌيڪ سمجهه پڻ گهربل هئي جا انهن سماجن ۾ آئي، توڙي گيلَليئي تائين انهيءَ ۾ گهڻيئي ڪوتاهيون هيون.



ڪالهه سنڌي پنچانگ موجبِ ڦڳڻَ جو مهنو پورو ٿيو ۽ اڄُ (نئين) چنڊ سان سياڻي چيٽ جو مهنو شروع ٿيندو. انهيءَ مهني ۾ سنڌي سال جي شروعات ٿي جو ساوڻ اچي ۽ پاڻي ۽ نئين لَٽَ درياهُ آڻي. انهي لٽَ سان سنڌ جو جياپو ٿيو سنڌ جي زمين مالا مال ٿي ۽ منجهس پوک پئي، نه ته سنڌ ي مِٽي رڳو واريِ هجي ها ۽ اَوَسَرُ ڪري پوک ڪانه ٿئي ها. چيٽ سان جبلن ۾ ڳڱٽيات ڳرڻ سان وهڪرو

وڏي ٿئي ۽ برف ۽ ڳگ جو آبي ذخيرو پنهنجو ڪجهه پاڻي ڇڏي. انهيءَ ڪري سنڌي چيٽي چنڊ سان نئون سال ڳڻيندين ۽ ان کي جهولي لال جو جنم ڏينهن ليکين. جو جهولي لال پاڻي جو ديو جو روپ ڪري مڃجي. هوُنئن هن وگياني دور ۾ سڀن ڌرمن جي نهري ۽ خيالي آکاڻين تان گهٽڻ ماڻهن جو ويساه اوُئين ئي پورو ٿيو آهي. پر انهن آکاڻين کي رڳو ڏند ڪٿائون ليکڻ بدران تن جي ڳالهين کي تشبيهه ڪري ڏسبو تہ تِن جي اهم اِخلاقي سمجهہ اسان کي اڄ بہ ملندي.



انهيءَ ڪري جهولي لال جو رنگ اهڙو ڳاڙهو هوندو آهي جهڙو انهيءَ سنڌو جو پهچايل لٽُ جو. اِها سنڌو درياهہ جي سنڌ کي سوڪڙي هُئي ۽ اڄُ وڏا بندَ ناهي سنڌ تي ڌاڙو هڻندڙن گهٽي پاڻي لٽُ روڪي سنڌ جون ٻنيون تباه ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن.

1955 ۾ ڏهہ لک ٽَنَ لٽُ سنڌ ڏي ايندي هيو.. هاڻ اها چار لک مسَ اچي. (مٿيون فوٽون سنڌوءَ جو حيدرآباد وٽِ، ۽ پاسي ۾ ساڌ ٻيلي جو).

هر پراڻي سماج ۾ تنهن ڏيهہ جي ڌرتي نِروار (جاگرافي)، آب هوا ۽ رهڻي ڪرڻي تي ٻڌل عيدون ۽ ميلا ٿين ٿا. اولهہ يوُرپَ ۾ ڏيهہ يوُن وچ چڪرَ جي گهٽو اُترَ آهن تنهن ڪري گهٽيون عيدون سياري ۾ ٻڌيون اٿِن جو سُسَل ڏينهن جي گهٽي اونڌائي ۾ ماڻهن گهوماتجي ويندا آهن. ايراني اجا پنهنجو سال سانوڻ جي وِسُوَ (ڏينهن رات جي برويري) کان شروع ڪندا آهن. سياري ۾ ڏينهن ننڍا ٿين ۽ اونهاري ۾ اوترو ئي ڊگها. جيئن ماڻهو يوُن وچ چَڪرَ

(خطِ اِستوا) کان پري ويندو تہ اهو ڏينهن رات جي ڦير جو اثر وڌيڪ ٿيندو آهي. آلاسڪا جي هڪَ ڳوٺ ۾ تہ سج سياري جو چار مهنا نہ نڪري. هتيِ اِلانائي ۾ سياري جو ڏينهن اٺ ڪِلاڪ کان ٿورو مٿي هوندو آهي. سويڊن جي وڏي شهرَ سٽاڪهومَ ۾ ڊسمبر ۾ ڏينهن ست ڪِلاڪن جوءِ جون ۾ اٽڪل سترهان ڪِلاڪن جو ڏينهن ٿي. انهي کان اڃا اتر جي شهرن ۾ ٻن ٽن ڪلاڪن جو وچي ڏينهن ٻيهي. پر سال ۾ ٻہ ڀيرا ڏينهن رات لڳ ڀڳ جاتي ڪاٽي برابر ماپ جا ٿين، هڪ وار سانوڻ جي مُند ۾ هڪ وار سرءُ (خزان) جي مند ۾. هونئن اتر جي اڌ ڀڱن ۾ سيارو تہ تڏهن ڏکڻ جي اڌ ڌرتي ۾ اونهارو... ساڳي ريتِ سانوڻ ۽ سَرءُ بہ ابتڙ.

خيرُ. اتر اڌ ڀڱن ۾ سانوڻ واري وِسَوَ ڏينهن کي ايراني عيد نوروز چوندا آهن ۽ اڄ تائين ڌومَ سان ايران ۾ مَلاهِن. ڀوءِ توڙي اهي پارسي پاڻ کي ڪوٺائين يا مسلمان، عيد نوروز جون رسمُن جيئريون رکيون ٿِن. عربي مُلن ايران جي اها رسم ختم ڪرڻ جي گهڻيئي ڪئي پر انهيءَ ۾ ناڪامياب رهيا.

الاجي چو ڪي سنڌي چيٽي چنڊَ کي رڳو سنڌي هِندُن جي عيد ليکين. هڪ تہ هندو جهڙو ڪو لفظ ئي نہ ويدن ۾ آهي نہ ڪنهن پراڻن ۾. سنڌ جا رهندڙ پاڻ کي سنڌي ڪوٺائيندا هيا. ٻيو تہ هندي جا هندو نہ جهولي لال کي مڃن نہ سنڌوءَ تي ڪي رسمون اٿِن. اصلُ ۾ چيٽي چنڊ سنڌين جي رسمي عيدَ آهي جيڪا سنڌين کي سنڌو درياهَ ۽ سنڌي آبادگاري ۽ رهڻ جي تال ۽ وهڪري سان مِلائي ٿي. . اڄ بہ سنڌوُ درياهَ جيِ سنڌ جي رهواسين لاءِ ساڳي تاريخي اهميت آهي جيڪا اولائڪِي سنڌين جي هئي. سنڌين کي پنهنجي يگانيت نہ وڃائڻ کپي ۽ وڏي ڌومَ سان چيٽي چنڊ جو ميلو ملاهِڻ کپي. اڃو تہ انهيءَ ڏينهن سنڌو درياهہ بابت

سوچون ۾ انهيءَ جي بچاءُ لاءِ پاڻ کي آرپيون. جي سنڌي سنڌو کان پري لڏي ويا آهن سي بہ اڄ تائين چيٽي چنڊ کي ملاهيندا آهن.



پاسي ۾ فوٽون 2000 ۾ ممبئي شهر وٽ باندرا ۾ سنڌين جي چيٽي چنڊ جي ميلي جو آهي جنهن ۾ مانکي مُکيِ محمان ڪري گهرايو هئائون.

نہ رڳو چيٽي چنڊ پر ٻيا بہ ميلا جن جو اصلي لاڳاپو سنڌوُءَ جي آلُڙُ ۾ پَرَ سان ٻڌل آهي. انهن ميلن بابت وڌيڪ ڪڏهن لکندمِ.



سنڌي چِڙِوڪِڙِ ٿي ويا آهن. پَرَڏيهي سنڌي اڃا اهي سنڌي ميلا ملهائين. ڏسو هيٺين وڊيو جيڪا تنهن ميلي تي ورتل آهي جو سنڌوُءَ جي پاڻِي لهڻ وقت چاليهَہ ڏينهنِ جي روزي کانپوءِ ملاهبي آهي. انهيءَ کي چاليهو ڪوٺيندا آهن ۽ انهي ڏينهن پڻ چيٽي چنڊ جي ميلي وانگر جهولي لال جو بهراڻو اُلهاس نگر ۾ ڪڍن پيا.

http://video.google.com/videoplay?docid=1551931546744037485

مانڪي ڪي ڏينهن ٿيا لاڙڪاڻي جي هڪَ شيخ فون ڪئي. هو مان سان هڪ سال هتي رهيو هو ۽ منهنجي نگهباني هيٺ ڦولها ڪئي هئائين. هاڻي ڪينيڊا جي مکي شهرَ اوٽاواَ ۾ رهي. چيائين هوُ اتان جي سنڌي سَيا جو مِمبر آهي ۽ هاڻ هوليِ ملاهِڻ لاءِ سَمتيِ جو ياتي هو. چيائين اوٽاوا ۾ اسان گڏ آهيون پرَ ٽورونٽو شهر ۾ سنڌي مسلمان ۽ هِندن جون سنسٿائون ٿي ڌار آهن! سنڌ ۾ صدين کان سنڌي پنهنجا ميلا گڏجي ملاهيندا هيا. هاڻ پرڏيهه ۾ ڏڦير ڇالائي؟ جي پنهنجيت کي سڀ سنڌي مانُ ڏين, تہ سنڌين ۾ ايڪو وڌندو. اونئين ٿي سڀ سنڌي جهولي لال کي مڃندا آهن ۽ ٻيا سڃاڻنسِ ٿي ڪونہ. سائين رومي ڏات ڏيئيي ويو..

هندوآن را اصطلاحِ هند مدح سنديِ آن را اِصطلاحِ سند مدح

هِندُن لاءِ هند جو اِسطلاح (ڳالهيون, هتيعبادت, جو ڊنگ) ساراهَ لائق آهي

سِنڌين لاء سنڌ جو اِسطلاح ساراهَ لائق آهي